SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 2001
# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

3. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

4. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

5. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

6. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

7. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 2001
# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[7 جولاءِ 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جي نمبر 8) تحت چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان خوشيءَ سان چيف اليڪشن ڪمشنر کي صوبن ۾ مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ بااختيار بڻايو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزنل

ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

2. سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 9 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

“خاص اقليتي سيٽون: هڪ يونين ۾ جتي اقليتن جي آبادي يونين جي ڪل آبادي جي ڏهہ سيڪڙو کان وڌيڪ آهي تہ گذريل دفعہ ۾ بيان ڪيل اقليتن لاءِ مخصوص سيٽون اهڙيءَ ريت جاري ڪيون وينديون جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو وڃي.”.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ ضلعي ڪائونسل جي سڏيءَ نسبتي ونڊ سان تعلقن يا تائونس ۾ ورهايل عورتن لاءِ مخصوص سيٽن تي چونڊ لاءِ هڪ اليڪٽورل ڪاليج هوندو، جيڪي لاڳاپيل تعلقي ۾ سمورين يونين ڪائونسل جا ميمبر هوندا، جيئن معاملو هجي، توڙي تائون هجي.”.

| | |
|---|---|
| 4.ڄاڻايل آرڊيننس ۾: | 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 14 جي ترميم Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.XII of 2000 |

(a) موجود دفعہ 14 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعہ (1) ۾ ايئن نمبر ڏيڻ کانپوءِ، شق (s) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(s) سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت پنهنجي چونڊ لاءِ ڪنهن سياسي، مذهبي، نسلي يا فرقيوار پارٽي يا تنظيم جو پليٽفارم، جهنڊو، نشان، لاڳاپو ۽ مالي يا مادي وسيلا يا مدد استعمال نہ ڪيو آهي."؛

(b) شق (s) مٿي ڄاڻايل طريقي موجب تبديل ٿيڻ کانپوءِ هيٺيون نئين ذيلي دفعہ (2) شامل ڪئي ويندي:

"(2) جيڪو بہ:

(a) چيف اليڪشن ڪمشنر کي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي تہ مڪاني حڪومت جي چونڊن لاءِ اميدوار ٿيڻ کان چئن سالن جي عرصي لاءِ نااهل ٿي ويندو؛ يا

(b) مڪاني حڪومت جو ميمبر چونڊجڻ يا مڪاني حڪومت جو عهدو رکڻ چيف اليڪشن ڪمشنر جي خيال ۾ ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ هجي تہ اهو ان ميمبر کي چونڊجڻ کان منع ڪندو يا اهڙي ميمبر کي عهدو رکڻ کان جهليندو ۽ اهو مڪاني حڪومت جي چونڊن لاءِ اميدوار ٿيڻ کان چئن سالن جي عرصي لاءِ نااهل ٿي ويندو."

| | |
|---|---|
| 5.ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 15 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو يعني: | 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي |

دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

"15.مڪاني حڪومت چوندون غير پارٽي بنيادن تي ڪرايون وينديون.".

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance No.XII of 2000

6.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 16 ۾، ذيلي دفعات (2) ۽ (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو، يعني:

"(2) هڪ ضلعي حڪومت يا ٽائون حڪومت يا تعلقي حڪومت جا ناظم ۽ نائب ناظم گڏيل اميدوار طور جن پنجاهہ سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ ڪنيا هجن، انهن کي ڪامياب قرار ڏنو ويندو.

(3)ضلعي ناظم ۽ نائب ضلعي ناظم يا ٽائون ناظم ۽ نائب ٽائون ناظم يا تعلقي ناظم ۽ نائب تعلقي ناظم جي صورت ۾ جن لاڳاپيل ضلعي، يا تعلقي/ٽائون ۾ ڪل ووٽن جي 50 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ نہ ڪنيا هجن، تہ پوءِ پهرين چونڊ ڪان هڪ هفتي اندر نئين چونڊ ڪرائي ويندي، جنهن ۾ اهڙن عهدن لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ ۽ ٻئي نمبر تي وڌيڪ ووٽ ڪڻندڙ اميدوار مقابلو ڪندا. تازي چونڊ ۾ گڏيل طور سڀ ڪان وڌيڪ ووٽ ڪندڙ اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويندو.".

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of

7.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 17 ۾:

(i) ذيلي دفعات (1) ۽ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) ضلعي ڪائونسل ۾ شهري ضلعي يا تعلقي جي ٽائونس ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽون اهڙن ٽائونس يا تعلقن جي يونينز جي تعداد جي نسبت سان ورهايون وينديون.

| | |
|---|---|
| Sindh Ordinance No.XII of 2000 | (2)هڪ شهري ضلعي يا تعلقي ڪائونسل ۾، شهري ضلعي يا تعلقن ۾ ضلعي ڪائونسل، ٽائون ڪائونسل ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽن لاءِ هڪ گڏيل ميمبرن جو وارڊ هوندو.”؛<br>(ii) ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>“(3) ضلعي ڪائونسل ۾ هارين ۽ پورهيتن ۽ اقليتن جي آبادي لاءِ مخصوص سيٽن لاءِ ضلعو هڪ گڏيل ميمبرن جو وارڊ هوندو.”.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |